# حق اثبات

ڪلام

## صُوفي فقير جانڻ چن صادق علي رح

مرتب: ياور علي ڪاظمي محبت علي


جانن چن
صادق علي
Gul Hayat Institute

چو تو پاڻ لڪائين، ڇڏ عاشق سان اٽڪل،
آئي طالبن جي توڪل.
اندر ونئو تون آهين، ڪيئن چوان تہ ناهين،
دَمَ دَمَ حڪم هلائين، واہ وٺيا تنهنجا وَل ڇَل.
عاشقن اندر ۾، ثابت ڪَيڙہ سِرَ ۾،
ظاهر زير نہ زَبَرَ ۾، تئين رَاض ساڻ رَلمل.
ڪَلَ تي آهين قادرَ، ظالمن تي ضابرَ،
صابرن تي صابرَ، جمت پٽ ڍڪين تو جُمل جُمل.
اڃي ڪيئي اظهاري، بيرنگ بيڪ بهاري،
"مَحمدي" جي مهنداري، پڳا پوَ مڙئي پَلَ پَلَ.

حضرت فقير محمدي شاه جهانيان



Gul Hayat Institute

هوندي قرآن ڪُلالن کي مليو ڪين الله
روز ڏسن روز پڙهن، ڪيائون نہ اوڏانهن ڪاهہ
"فَدَمدَمَ عَلَيهِم رَبُهُم" اهو رڙهي ورتائون نہ راهہ
امر مڃيائون نہ آڳي جو اٿن نفس ساڻ نڪاح
"جاڻ چڻ" چوي پساهہ، پاڙيائون ڪين پرين سان

Gul Hayat Institute

ياخدا تون عشق پنهنجي ۾ مونکي پرپُور ڪر
خيال ٿي هڪ حال سان روشن قلب کي نُور ڪر
مون هجان مجنون مثل توتي خدا تنهنجو بندو،
عرض منهنجو هي ٻُڌي درگاهہ ۾ منظور ڪر
اُنهي بهشت ڏي مونکي نہ نيش جاتي نہ تنهنجو ڪر ضرور
دوزخ پلو مون کان اهو جاتي سيني ڏُک ڏُور ڪر
رحم جي مونتي نظر صدقي پنهنجي حُضُور ڪر
چن جانڻ سان اهڙو سرڪار ڪر دستُور ڪر

Gul Hayat Institute

هِڪڙا سچا صُوفي پِيا ڦُرسي ٽيٺان آهن ٽُوشي
آئون انهن منجهه آهيان پينگيائي بُونسي
جاڻ چن پنهنجي جيءَ ۾ وجي ٽيو آ جاسوسي
ڪُوءِ جيڪا خاصي، سا مونکي منجهان معلوم ٿي

Gul Hayat Institute

سڏاءِ "صوفي" مذهب رکي من ۾ اُهو ڪاذب آ ڪُوڙي

ڇمڇي بازي ڇِت ۾ ٺُڳيڙ آ لُوسي

ڄاڻ ڇن ڇوي لامذهب صوفي، ڪروڙن ۾ ڪو ليي

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2012

"صوفي" ڪونائين تہ صفا ٿي نہ تہ ميان! ڪر تون معاف
صوفين صحن صفا ڪيا سامين صافا صاف
تون رَکيو گند گهر ۾ لمبي هٽي تو لاف
ڏُوني جي دل ۾ پالين تو پوراف
"لَعَنَةُ الله عَلَي الڪاذِبِين" اهو ڪُوڙن تي آ قاف
جاڻ چن نٿو چري، چيو موليٰ منجهہ مصحف
هر ڪو چاٽي آپ، تون ڪک نہ رکجا ڪُنڊ ۾

Gul Hayat Institute

# "صُوفي"

"صوفي" آهي "سچ" لکن مَ ليي کونہ کروڙن کو
"مُوتو قَبَل آنتَ مُوتو" جوگي جو ٿيو
جاڻَ چن چوي سچو صوفي سو، مرڻا اڳي جو مُئو

Gul Hayat Institute

# "شريعت"

شريعت مثل ڌوٻي ڌوني کري پاڪ
"لاالهَ الا اللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ الله" اولَ نفي پوءِ اثبات
اولَ فنا پوءِ بقا چارني پلنو پاڪ
"مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُو" سامين سچي ساک
جاڻن جن چوي سُتري ناهي مذاق،جو سيکر شريعت تي اچي

Gul Hayat Institute

پيريءَ ڪٿون پري تي، بزرگيءَ ڪٿون بيزار
شيخ شيوخي لقب کي هيڪارئون هار
ميوتي ماٺهن جي، بيحد اٿئي بيڪار
"دوزخي" دنيا ۾، چونٽئي مر چوڏار
جاڻَ چن چوي جڳ ۾، اهڙا ڏاڍا ڏار
پوءِ عاشق انهيءَ پار، اوڏو تيئين الله کي.

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir . 2012

چو ڪرين ٿا ڪئُون ميان! تڪبر جيڏي تَڏَ؟

هَنئون نَٿو هيٺ ٿيئين هوڏَ گهڻي اٿئي هَڏَ

ڏيهاڙي ڏينهن ۾ قبر ڪريئي ٿي سَڏَ

خبردار خيال ڪر هڪ واحد ڪي اَٿئي وڏَ

Gul Hayat Institute

جانڙ چن چوي لڏ، جاڻ لڏين ٿو لوڪ مئُون

★

جي ٿو ڏسان پنهنجي ڏوهن ڏي تہ منهنجا قُقڙ ٿا ڦڙڪن

جي ٿو پروري ڏسان تنهنجي رحمت ڏي تہ منهنجا ميرا ٿا مرڪن

"لاتَقنَطُومِن رَحمَةُ الله" جُوتا ٿا جرڪن

جائي جانڻ چن چوي جي والي ٿا ورڪن، پوءِ ٻانهي ٻانهن سيراندي

Gul Hayat Institute

اچي مونکي عشق اُتاريو تہ " اُتي ڳول الله "الا

۱- هتڙي آئين پر لاءِ پيهي، ڪين وسارج وَر کي ويهي
ڏنم عشق صلاح، الا

۲- عشق ٽيو اڳِ ۾ لڳڙيس پوبون، پري ڏنائين ڏانءُ جو ڏويون،
ڪُفر جو ويو ڪُلاھ، الا

۳- عشق وٺي ويو ملڪ انهي تي، جن ملائڪ ناهي جاءِ جنهن تي
رندن وارو راھ، الا

۴- مسجد مندر منهن نہ ڪيو سين، "وَفي انفسڪُم" وادي ويا سين،
ڏاهي ڏنم ڏاھ، الا

۵- جانڻ چئي آلڪ سمايو، سارو سمنڊ پاڻ ۾ پايو
اُتي آ پاڻ ملاح ۔ الا

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir

اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو حد دي وچ ڪڙي،
لاحد ڏي نہ لڙي!
اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو مذهب وچ اڙي،
لامذهب ڏي نہ چڙهي
اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو تسبيح دي مڻڪي ڳڻي،
بي حساب نہ ڪڙهي
آکي "جاڻ چن" سر گهر صدقي ڪامل مرشد تنون،
جيڪو رب ملاڪي تڙي ڪڙي! ڪتان نہ اڙي!

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2012

# ”مرشد“

(۴۷۴)

سرائڪي ڏوهيڙا: (۱)

مرشد ڪامل اهو آ ڪيجي جيڪو گور ڪون ماري رسا!
لوهه لڙيل ڪون لعل بناري، ڏي پارس رمز دا گسا
جيئندي ماري مُني، جيوائي ڪوڙ وجي ڪو تسا
صدقي وڃان پاڪ مرشد ”مهدي“ تئون جانڻ چن!
جنهن لاٿيان قلب تئون ڪسان

Mohabat Ali Faqir, 2012

# "ملان" ۽ "ماستر"

(٥٠٣)

بيت:

مُلان وِڪني، ماستر چاريان، پر مُلن مُلهه حرام
مُلن جي مڪتب ۾ آهي تڪبر جو طولان
ماستر جي اسڪول ۾ آدب آ انسان
پول بيت عاشقن جا، ڪورس منجهه قرآن
جانڻ چن چوي خام، پورب تيندا پڌرا

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

ڏٺي مجني هُني ليلا ۾ تجلي پيا پيا چَوَن "ڪاري گدلي!"
١- چيو مجنون "اک نہ هلي ٿي،" "جيتر ليلا جي رنگ نہ ملي ٿي،"
"منهنجي ليلا جي رنگ سان ڪلي ٿي،" "جڏهن ڪاري ٿني ٿي هو ڪجلي"
٢- چيائون مجنون کي "ليلا" مس آ!" چيو مجنون تہ "مس منجھ چس آ !"
"ڏسو قرآن ۾ ڪيڏو رس آ!" "آئي آني آ ليلا جي بدلي"
٣- انهيءَ رمز کي صُوفي سڃاڻن، سهڻي، ڪوجهي ۾ فرق نہ ڄاڻن،
ڪُجهو راز رِندي رِند ڄاڻن، ڪولي ڇڏي عشق آ ڳلي
٤- اچي نينهن وڄايا نغارا، تنهن منون ڄاڻن وحدت جا وڻنجهارا،
"همہ اوست" جا پنڌ نيارا! هڪ ٿيو حرامي حلالي
٥- توڙي ساري عُمر مون وڃائيان، تورو "مهدي" جو ڪين لاهيان،
"جاڻ چَن" مون سيس ڪپائيان، ٻاري مُرشد مون ۾ آ ٻجلي

# "عشق مجازي"

"مجازي عشق" آ رهبر خدا جو راھ ڏيکاري
"حقيقت" جي آهي ڏاڪڻ "مجازي" عشق ٿو چاڙهي
چوي جو بن مجازي جي اجائي لاف ٿو ماري
اچي انسان ۾ جڏهن اندر ٿو صاف اوجاري
اندر ۾ آگ "جانڻ چڻ"! برھه جي باه ٿو ٻاري

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir

# "قلب"

(۴۲۵)

ڪافي:

ٺاهي قلب تدسي ڪعبو آدم منجهه آيو "سِري وآنا سِرهُو" سر پاڻ ٻنجي آيو

۱- ملائڪن ڏٺو "معبود" آ، تڏهن ڪَيو سجود آ،
انهي رمز مِ ربوب آ، عزازيل ڪي تڙايو

۲- لڳو هو ذوق ذات کي، پسند ڪيائين صفات ڪي،
سهڻو ٺاهيائين محلات ڪي، انهي گهور ساڻ گهايو

۳- ڏسو عشق جون هي چاليون، نت نت آهن نراليون،
ڳجهيون عشق ڪري تو ڳالهيون، "انا الحق" الايو!

۴- جانڻ چئي! تُهي غازي، ڪٽ عشق جي تون بازي،
جيئن دم نه ٿئي پروازي، انهي دم سان دلڙي لائيو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2012

# دڳ

(٢٠٣)

ڪافي:

هنيم الله جو اڳ، ملي ويم دڳ جيڏيون! ڪيو آ مون حاڪم هٿيڪو

١- حيدرين جا ڦل ٿيا، الوڙي ميان، لڌو نيڻي ماڳ مڪين، سُونهان دڳن،

جيڏيون اهو هم توڙنون طريقو

٢- عشق اچي امداد ڪيو، الوڙي ميان، وري آيم وڳ پاء پهگ،

جيڏيون مون ڪنيو آهي عشق جو ٺيڪو

٣- جيڪي ٻنٺيون لڳاسي نہ پُنا، الوڙي ميان، پلي ويو سارو جڳ، لڌئون نہ دڳ،

جيڏيون مون تہ لڳي وس ليڪو

٤- جاڻ جن جاني چوي، الوڙي ميان، "مهدي" جو آهيان سڳ، تنهنجي آ لڳ پڳ،

جيڏيون ناهيان مون پاڻ وسيڪو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir -2012

متّي دا آنا متّي دا کانا، آني آني جهان!

١- متّي هر جاءِ حُکم هلاوي، سوا متّي دي کون سماوي،
ويکو متّي دا شان!

٢- مس متّي دي قلم متّي دا، صفحا، ورق، کاتب متّي دا،
متّي هي فرقان!

٣- متّي هي مصري متّي هي ماکي، هر شئي ڏيندي متّي هي ساقي،
متّي هي سبحان!

٤- تاج متّي دا تخت متّي دا، چن جاتن بالا بخت متّي دا،
متّي هي سلطان!

Gul Hayat Institute

Mohammad Ali Fayaz, 2012

# دڳ

(٢٠٤)

ڪافي:

هنيم الله جو اڳ، ملي ويم دڳ جيڏيون! ڪيو آ مون حاڪم هتيڪو

١- حيدرين جا ڦل ٽيا، الوڙي ميان، لڌو نيڻي ماڳ مڪڻ، سُونهان دڳن،

جيڏيون اهو هم توڙئون طريقو

٢- عشق اچي امداد ڪيو، الوڙي ميان، وري آيم وڳ پاء پهڳ،

جيڏيون مون ڪنيو آهي عشق جو ٺيڪو

٣- جيڪي ٻنيون لڳاسي نہ پُنا، الوڙي ميان، يلي ويو سارو جڳ، لڌئون نہ دڳ،

جيڏيون مون تہ لڳهي ويس ليڪو

٤- جاڻ جن جاني چوي، الوڙي ميان، "مهدي" جو آهيان سڳ، تنهنجي آ لڳ پڳ،

جيڏيون ناهيان مون ياڻ وسيڪو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir 2012

# درويش

ڪئين سچا درويش پيا دلريش ٿيان آهن رڳو ويس
آئون انهن منجهه آهيان لڪندي لوڪ لبيس
آجهو نه اتم اوڇرو نڪي ڏاريم ڪيس
پر "لاتقنطو من رحمة الله" منهنجو رهبر آهي رئيس
جانان چيو جوڳي پرويش، پرورش پياڏي جي ڪندو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir

(١)

جن ڪلمو پڙهيو زبان سين، تن وٽ آهي ڪال!
جن ڪلمو پريو قلب سين آهي مال و مال
ڪلمي جي الله ڪي ڏني عشق صلاح
"نفي" تي تہ اثبات ٿيڻ پوءِ ٿيڻين الاالله"
"نانهہ" منجهئون "آنهہ" تي ظاهر ٿيو الله
"جانڻ چئن" چوي باني تاج ڪُلاهہ، مالڪ بڻيو مُلڪن جو!

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad, Sindh

هي تاب آ سهڻل جي اکڙين جو نہ پاننج سي آ
ويو مٿي هلندي مونکي سر نرک نيڻن جي آ
ارچتو اکيون، کنيئين ٿهہ ٿهہ ٿکاون تي ويا
ريفلون سهڻل جي اکڙين ۾ پانئيان سنگين آ
ڪَکَر تيرن جو وسي پيو جيئن سانوڻ مينهن آ
تو اَصيلن کي آزاري آهڙو نادر نينهن آ
"چَن جانڻ" جن لڳي تن کي خبر نيئنهن آهڙو شينهن آ

# پهرو

پهرو بيهارين پاڻ تي ٿو کي ڍوهڙ آهي ڍپ

نيت تنهنجي نانگ اُ سيني سربني ٿو سپ

”اِنَّ اَولِيَاءَ الله لاخَوفٌ عَلَيهِم وَلاهُم يَحزَنُون“

شرڪ نہ تنين کي شڪ

جاڻن جن جڙي جن کي مليو حق، خوف نہ خطرو تن کي

Gul Hayat Institute

Faqir Jaman Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

# پاڪ، پليت

(٦٩)

بيت:

صغير هُئين ته "پاڪ" ڪبير ٿيئين ته "پليت"
ڪَلهه هُئين اَڄ هيئن اها ڪهڙي آهي ريت؟
آهين سڀ ساڳيو تون ڪڏهن ناهين پِليت
"مُوتُو قَبل اَنت مُوتُو" رکيئي نه سيت

جانِ جن چَوَي منهنجي پِني رَجي نيت، توکي وڏائي آهي پليت ڪَيو.

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ظاهر عُمر زبان، تَن ۾ تنوارين
چورنَ ڪين چپن ڪي، گُونگا ٿي گهارين
توحيد جي تلوار سان مُلحد کي مارين
ظاهر جي زُهد کي ويراڳي وارين
مُورنون مجوتيءَ جا ڏاڳا نه ڏارين
جاڻڻ چن چئي سورين، ڳجهو مشيو مَن جو

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

# الف

(٢٠)

بيت:

مرشد پاڪ مهدي امام مونکي ڪنيو هَنج
اُنون گندي هيس گدي منهنجا سيني ٿيا سهنج
پنج مڪان، پنج ڪلمه، پنج رڪن، پنج طريقه پنج مُصلٰه،
پنج ڪعبيُ، پنج ڪتاب گُهمايانين سين منجهه
چوڏانهن طبق قدم ٿيو هڪڙو، لکين آثار، لکين پاتارِ
"پنج تن" جسم هڪڙو اسم ٿيا پنجُ
جانڻ جن چوي هڪڙي "الف" منجهه، سارو مون سنسار ڏٺو

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ڏنگ رکي آيو ٻول "ڏسان ته مونکي هٿ ڪير ٿو سڃاڻي!"

١- ظاهر باطن رنگ رڪيائين، ڳولن وارن کي پرکيائين،
"آنا اَحمَد بِلا ميم" ٻولي ٻُڌايائينس ٻول

٢- حد لنگهي ٿيا عاشق ڳرلا، اولي منجهانئون پڳانئون پرلا،
لاحد ۾ ٿيا محب سان ميلا، پيري ڏنائين جهول

٣- صوفين سوجهي صاف سڃاتو، مَن منجهه ماڻڪ پارس پاتو،
نينهن نباهيو نانگن ناتو، وٺي ويهاريائين ڪول

٤- رمز اها ڪو رند پڇاڻي، مام انهي کي ڪو مانجهي ماڻي،
جاڻن چن پيتو ڇاڻي، تولا ماسا تول

عشق ناهي چرچو، هن جو مهانگو آ مُلهه
ملي نٿو مال [illegible] جو سودو سَنل
ڪڻ ملامت مر [illegible] هانگا مر ۽ هَل
ٻاري ڪڻ مٿي تي [illegible] هو ڪَهر وارو ڪُل
جانڻ چِن چوري پوءِ اهو ٿيندني مُلهه،
جو قيمت پاڻي ڪري نه سگهي!

Gul Hayat Institute

عشق ڇا ڄاڻي سائين! مذهب ملت؟ رستو هن جو آهي جُدا

١- صنعان ٿي چاڪ پيو وڃڻ چاريا، دين ايمان ڪيائين فدا

٢- عشق جون خبرون عاشق ڄاڻن، صورت ۾ ڪن فرض ادا

٣- "الستُ بِرَبّڪُم" چئو ڇيائين، اسين "قالو ابليٰ" هون ٻول ٻڌا

٤- ڇيو "جاڻن چن" ڪيِ مرشد "مهدي"، "مام انهي ۾ ڳول خدا"

Gul Hayat Institute

(٣٦٢)

سرائڪي ڏوهيڙو:

الله عشق نصيب ڪري اي ملان تڏهن الله سڃائي
عشق مي دور تہ الله بہ دور مخفي راز نہ ماڻي
حضرت عشق جي هادي تيڙهي مڪڙا قدم تون چائي
آکي جانڻ چن سوا عشق باجهنون هن بي سب ڪم اجائي

Gul Hayat Institute

مذهب ڪمارڻ ديد ڪپاڻ! اُهو پير پُٽي نہ پَسي
دُوئي والي ديوار اَنڌاري، قلب اُنهان دا ڪَس اَي
"عشق ڪمارين ديد وڌاوين" ڏتا "مهدي" ڏَس اَي!
بن عشق ڀاڄهئون جانڻ چن! ويچ ڪون خُدا وت رَسي

بنا عمل "علم" ائين جيئن سُڪَي وڻ جي ڪاٺي

نڪو ٻن نڪا ڇانو نڪي ٻُور نڪا ٻاٽي

نڪي ڦر نڪي ڦل جيئن بنا شمع ڄاٽي

نڪي جڙ نڪي تڙ جيئن ڳُوهه بنا ڪاٺي

"جاڻ چڻ" چوي اعتبار سان پاتي جن جهاتي

تني ڪي ذاتي، هڪڙي "الف" ئي اڏي چيڏيو

Gul Hayat Institute

جنهن کي هيوني روزو رکاڻو، تنهن کي ڇڏيو اٿئي ڇيڪ
سکڻو ٻڌيو ٻوٽ کي پاڻ سڏائين نيڪ
مالڪ کي معلوم ٿيو ٻچڙا تنهنجو ٻيڪ
"جاڻ چن" ڏيک، تنهنجو مکر ني معلوم ٿيو

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

## "وضو"

سرائکي ڏوهيڙو:

خفا روز وضو دا چوڙ ملان! هک ڏينهن وضو کر کيوں نہ چوڙيں؟
عشق دي لهر وچ ڈو وچ کپڑي، کٹي خار دي خارج کيوں نہ توڙيں؟
پاک وضو کر دل والا، کڍ غير کُون باهر کيوں نہ چوڙيں؟
آکي "جانڻ چن" سوا عشق دي حاصل يار نهيں لک سجدي ڏيويں کروڑ توڙي

Gul Hayat Institute


جن کي
پنجتن پاڪ عليهم السلام جي
ناهي سڃاڻ
جانو ڪي تن جي
ڪانهي ڪا ڪاڻ

نَفس ماريئي ڪِينڪي،
الله ڪِيئن ڏِسين ؟
ڏَرُو نَہ ڀَڳُئي دُوئيءَ جو،
پِرين ڪِيئن پَسين ؟

- جانن چن

Sufi Faqir Jumun Charn

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

(٥)

سرائکي ڈوھیڑو

احد، احمد ماھي ھکڑا، میں کڈھن منھن نہ موڑاں
امین عقیدي دوزخ جاواں، صدق مول نہ توڑاں
تحت الثرا توڑي نیوں، تب دامن مول نہ چھوڑاں
جنھن نال پڈي ھاں تنھن نال چڑساں، مین سائین دي نال سوڑھیاں
عربي ڈول دي کول ھوواں، ھن میڈیاں نصیباں ڈوڑیاں
سرکار مدیني تاں صدقا ویجاں مین جانڑ چھں، ھن مین تي کرم کروڑاں

"الف" آهي اسم اعظم جو آهي پڙهيو ڪر ڪر

بُرو آ جُرم "ب" وارو انهيءَ کنون آ بچيو ڪر ڪر

Gul Hayat Institute


ڏونگر ڏور نہ سسئي ! نکي جبل ساڻ جهيڙ
پنڌ ڇڏي ڏي پيچرا ڪيچ نہ پيا، تون ڪيڙ
گهر ۾ ڳول ڳهوٽ کي، نند اکين جي ڦيڙ
"وَنحن اَقرب" واعدو، ڳول وجودي ويڙ
جاڻن چن نہ ميڙ، مشتون ماڻهو پنهنجي
Poetry: Sufi Faqir Janan Chan

نڪر شال نڪريون تيئن، تهنجا ڏامي ڇڏن ڏير
وڃني واڍوڙيا اچي، تو ٺڙون سڏا ناهن سير
اڃت وڃان اوڏانهين، شال مونکي ٿئي نه اوير
ڄاڻان ڇڻ سوير، پس پارس پاڪ پنهل کي

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

سُور پلي تنهنجا ساڻ هُجن مون سان تون ٻه ساڻ هجين، الا هي الا

۱- نه سور وڃن نه تون وڃي، منهنجو پريل ماڻ هُجي، الا هي الا

۲- روئڻ تنهنجي عشق [illegible] مونکي اها تاڻ هُجي، الا هي الا

۳- "فاذ ڪُروني اذ ڪُر ڪُم" مونکي اهو ڏانَ هُجي، الا هي الا

۴- اندر ٻاهر تو ڪَي ڏسان، شال پنهنجو نه پاڻ هُجي، الا هي الا

۵- ناهي "جاڻڻ" جوڙ جتي، مونکي اهو ڄاڻ هُجي، الا هي الا

Gul Hayat Institute



شاهہ نہ پير، نہ مين بزرگ
نا ڪوئي مسڪون منے
چن بلائيم چاهہ ڪنون
هٹ چن در يار مين چھنے
جاڻان چن
Sufi Faqir Janan Chan



مون کي تڏهن خوشي آهه
ناتو توسان نڀائيمسي
هر حال ۾ هميشه
Gul Hayat Institute
Sufi Faqir Janan Chan

آدم آهي پاڪ
پاڪ پليت ڪڏهن نه ٿيندو


Gul Hayat Institute


اَلفْ پاتو
مِيمَ جو بُرقعو
مُنجهي پيو آن مُلان قاضي!
اُسنْ جو ٿيو
نٿو ڄاڻي
ٻانئي عشق آهي بازي


الله اَحد تي آءُ
وَٺ نِي سجُود ڪَن ٿا
مُلا مُنا تنهين کي
احد کي عبد ڪن ٿا



Gul Hayat Institute


حق جو
آيا
باطل
ذاڪرن
مُلڪ
ماڻهو مُنجها يا
Hayat Institute

الله پنهنجو پاڻ گهر ناهيو
پٿرن ڪمن نه بنايو آهه
قلب ناهي حصو قدسي
الله آدم ٿي آيو آهه

جانڻ چڻ

Gul Hayat Institute

فقير جو منڪر الله جو منڪر

فقير اوّلين فقير مرسلين

جاڻ چن

Gul Hayat Institute

## ‘عشق’

عشق اچي مونسان ڳالهيون ڪيون اُونهي پر اُونهيون
ڪُن نيڪون ڪان اڳ جون جهوني پر جهونيون
جانڻ چِن اُميدون پُنيون، عشق جي انصاف جون

Gul Hayat Institute

# ’بنا عمل علم‘

بنا عمل علم ايئن جيئن هينگي کر
هُن کي سيوا ناهي سمنڊ جي هُو کيئن لهي تر
جاڻ چن توڙي ڪري لک مڪر، تہ بہ پارئين آهي پڌرو.

Guru Hayat Institute

# 'احرام'

عاشقن احرام عمر جو ويندي قيامت تائين
حاجين احرام ٿي ڏيهاڙا، وري ساڳيو ڳن کهاڙي!
ڇڏي عشق الله جو ڏنائون ڪياڙي
جانڻ چڻ چوي واريءَ جي ماڙي، اَڏي اَڏبي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

Sufi Faqir Janan Chan (1895-1995 AD), Sindh

آئون ڳڻ ٿو ڳايان تن سائين! جنهن پارايو جن
پاڪن مونکي پاڪ ڪيو ميري ڌوتي اٿن
١- چني چوري ڳنڍيائون، گڏون گڏيو اٿن
٢- رنگي رنگ لائيم، تلڪ لڳايو اٿم
٣- ڪنيم گام گروءَ ڏي، چيريون چم چم ڪن
٤- سنيالي سنيار وڌائون، چڙا ٿا ڇُونگارن
٥- عشق انعام ڏنائون، بيحد بخشيو اٿن
٦- "فَاذِڪُرُوني اذڪُرڪم" قرب ڪيو اٿن
٧- جُسو جيءُ جانڻ چن جو "مهديِ" "مهديِ" ڪن.

Gul Hayat Institute

آئون ڳڻ ٿو ڳايان تن سائين! جڻيو پارايو جن
پاڪن مونکي پاڪ ڪيو ميري ڌوتي اٿن
١- چُني چوري ڳنڍيائون، گڏون گڏيو اٿن
٢- رنگي رنگ لائيم، تلڪ لڳايو اٿم
٣- ڪنيم گام گروءَ ڏي، ڇيريون ڇم ڇم ڪن
٤- سنيالي سنيار وڏائون، چڙا ٽا چُونگارن
٥- عشق انعام ڏنائون، بيحد بخشيو اٿن
٦- "فَاذۡكُرُونِي اَذۡكُرۡكُمۡ" قرب ڪيو اٿن
٧- جُسو جيءُ جانڻ چن جو "مهدي" "مهدي" ڪن.

Gul Hayat Institute

سڄڻ سندا سُور توکي ماڻھو ٿا پڇن تہ ”مر“
مون وٽ پارڻ پار تون، سُڄ جوَ آھين ثمر
مون آھيان مھماني تنھنجي، تون ھڏا ماس پيو چر
مون ڀلي جان خاڪ ٿيان، تون سھنجو ٿي سڀر
تو آئي آبادي ٿي، وسي پيو اڱر گھر
اونداھيءَ مان سُجھندو ٿي پيو، ويجھو ڏٺم ور
جانڻ چن چوي سامي سي سڏن جن وٽ سُور سڄڻ جو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

ٻاهر ميرا هنج اندر تن اُجرو
سوجهي لڌائون سڄڻ جو حال اَندر حُجرو
لاحد ۾ لنگهي ويا مليو تن مُجرو
"مَن رانِي فَقَد راءِ الحَق" ثابت تِين سُجرو
جيڪو دم گذريو جانڻ چڻ! الله سان

(١٥٨٠)

ڪافي:

"مي" نہ مجي ها "هُو" نہ مجي ها، "مي" "هُو" اثبات ڪري ٿو

١- "مي" ٿو ساري "هُو" ٻہ ٿو ساري، "مي" ٻہ گهُري ٿو "هُو" ٻہ گهُري ٿو

٢- مي ويو "هُو" ڏي "هُو" آيو "مي" ڏي "مي" ٻہ سُري ٿو "هُو" ٻہ سُري ٿو

٣- "ناڏ ڪُروني اُڏ ڪُرڪُر" تيِن ڏڙو دوئي جو ڪُر تيِن هيڪڙائي جو مچ ٻري ٿو

٤- "مي" "هُو" جو آمي ٻهانءِ سر سچائج ساڳو سُبحانو، پير مُغان ٿي پڪو ڪري ٿو

٥- عام چون ٿا "غير آمي"، فند نڪي ڦير آمي، "جاڻڙ چڻ" چوي لڪ ڪري ٿو

Gul Hayat Institute

(۲۹۳)

سرائڪي ڏوهيڙا (۱)

شهر شاهاڻي ڪمبيؔ جاتم، ڏٺهين دلبر دي تي حج اي،
"شاهپور" سمجهو "بيت المقدس"، ظاهر پيالا مج اي،
جاڻ چن کر مُرشد ڪون سجدا، ميڏي "مهدي" پليندا لج اي.

Gul Hayat Institute
Yaseer Ali Kazmi Nohabeli Ali Faqir, 2012

هم اوست جي حال جي آهي ريت ٻلي

پاڻ سڃاتائون پنهنجو ڳولن ڪانه ڳلي

"وَمَن عَرَفَ نَفسَهُ فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ" رندن رمز رلي

جاتي ڪاٿي پاڻ کي ڏٺئون جاڻڻ چڻ جَلي

گناهگار ولي، هم اوست ۾ هڪ ٿيا

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

چڏي نقل نماز کي اصل نماز نِيت

"فَاذڪُروني اَذ ڪُرڪم" ڪي ٿيئي پريت

پنج وقت پري رهيا، اٺئي پهر جيت

وٽ نہ پوي وار جي ساري عمر سيت

جانڻ چڻ هن ريت، گر سان گاروڙي مليا

Gul Hayat Institute

*Verses by Sufi Faqir Janan Chan (1895 - 1995 AD)*

نيتان ٽو جي نماز ڪي تہ ڇڏٽو پوي ٽو الله

پُٽي ٽٽي ٽي پر ڪي پڇي ٽو ويساهہ

صوفي سجود سر ڪي رهبر ڏسيو راهہ

منهنجو عشق مهديءَ جي سائو ڪيو آ ساهہ

ظاهر ۾ "مرشد، هادي" باطن ۾ "الله"

رک جاڻ چن! سماءُ، ڳجهي ٻڌائي نہ ڳالهڙي!

Gul Hayat Institute

Mehboob Ali Faqir 2012

آڏوتن لاءِ اڳتي ڪاهيو مُنٽي ڪاهه
پسٽو اٿئي پر ڪي ته سانگو سر جو لاهه
بولي ٻانهپ جي هجيئي سينو نڪي ساهه
راتيان ڏينهان ڪاهه، ته جاني جن! جوڳين کي ملين

Mohabat Ali Faqir, 2012

لاهُوتن جي لُونءِ ۾ لڳي آهه لغار

ڇني ڇڏيندو ڪينڪي ستت لهندو سار

حُجت ڪانهي هوت سان آهيان تن آڌار

"جاڻ چن" وجود ۾ ويهي ڪر ويچار

جنهن تي ڪلمو پڙهين نروار سو ڪڏهن ڇڏيندو ڪينڪي

Mohabat Ali Faqir, 2012



Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir,2012

مُلان جي صحبت کئون اٿئي چڱي صحبت چور
چور جي چڱي نہ ڪندئي تہ ڀٽي ڀٽندئي ڊورا!
مُلان جي محبت اٿئي ٿنچي ايمان جي ڪور
وڙهائيندئي الله سان، ڪندئي ايمان کي پور
جانڻ چن چوي وين اٿن اٿئي پهر الله سان

Gul Hayat Institute

پاڻي آيس پاند ۾ مڙيئي مدايون
ڪنئي سگهان ڪينڪي تم ڪُلهن ۾ ڪايون
تنهنجي قهاري ڪنؤن ڪنبن پاڪارن پايون
"لاتَقنَطُومِن رَحمَةَ الله" ڏنئي واڌايون
دلبر ڏنئي دلَ سان دل کي دلجايون
جانڻ چن جايون، اٿم هنڌ حضور ۾

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

صُوفين قرآن ڪنون پُڇيو دفعو هڪ

"مُوتُو قَبلَ اَنت مُوتُو" چاهه رکيائون چِڪ

"اَلانسانُ سِرِي وَاَنا سِرُهُ" لهي پيا لَڪ

"خلقَ الادمَ اَعليٰ صُورتً" ويا شڪ شِرڪ

"اللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحيطً" هر جاءِ ڏٺائون حق

وِسوسا وِيا هليا پنجي وئي اٿن پڪ

"جَانڻ چن" چوي سبق، هڪڙي مان ٿي حضور ٿيو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

گهول گهتان اهين خوشيان نون، اهي خوشيان ڪيهي ڪم ديان!
جنهان خوشيان دور ڪيتا هي دلبر، ٿيا يار پري بي غم دا
آکي ”جاڻ چن“ انهي خوشيان تون اهي غم پلا،
جيڪي دوست ميلن دم دم ديان

Gul Hayat Institute

سرانڪي ڏوهيڙا: (١) (٣٩٩)

لوڪان ڪيتي "غم" مصيبت! غم روز اساڏي عيد اي
غم وڇڙيا يار ملاوي جلدي، ملي دوست دي ديد نال ديد اي
غم عين ثواب هي سيان! غم والا روز شهيد اي
آکي "جانڻ چن" هووي حيف تنهان ثون، جنهان ڪيتا نہ غم خريد اي

Gul Hayat Institute

نکي ويا مسجد ڏي، نکي ويا مَندر
سامين ويهي سِک سان اوريو عشق آندر
آڏُوتي ايندا ڏسي دلَبر کوليو دَر
جاڻ چن هن پَر، گُر سان مليا كاپڙي

اسان بيشڪ هُون نمازي، هَر صُورت ڪُون هي نيازي
١- اسان آپ مسجد مَندر، معبود اسان ڏي اندر،
اسان برهه دي بيشڪ بندر، اسان ڪون عشق ڪراني آزي
٢- جڏهن "مهدي" مُڪرّا ورڪايا، مين سهجنون سجدا پايا،
اهو صوفي سر سمجهايا، گِني دل وچون دور درازي
٣- ڪتان مومن هُون ڪتان ڪافر، ڪتان مالڪ هُون ڪتان بَردر،
"چَن جانَن" ميڏا مظهر، ڪتان هُون شريعت دي قاضي!

Mohabat Ali Faqir, 2012

ماريا ميكون يار سجن دي حاكم حُسن هزاري، الا
جلوا جوت كمال تنهين دا، كيتي فوج ٹياري، الا
١- نُور دي تجلي "طُور" جلائي، جل گئي ٹكري ساري، الا
"موسيٰ" كنون جو هوش جُلا گيا، ڏيون نال ڏيكاري، الا
٢- "رحيم"، "كريم"، دلاسا دلبر، ڏينداهي هكواري، الا
دڙكا دوست وَلّ وَلّ ڏيندا، ڏربندا نام "قهاري"، الا
٣- "وَنَحن اَقرَب" اَك سُنايس دوست ڈتي دلداري، الا
انهي وعدي تي اعتبار اسان كُون جانڻ چس بهاري، الا

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

# معرفت ۽ ملاوت

ملاوٽن مُلڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا

”شَاهي“، ”پيري“، ”بزرگي“ وري ”صوفي“ سڏايا!

”مڪرو مڪر الله والله خَيرُ الَماڪرين“ مَڪَر بنايا

”جاڻ چڻ“ چوي اُهي ڪين آيا، معرفت واري ملڪ تي

Gul Hayat Institute

عشق مولىٰ جي ڪيو ٽمٽار، روزي نماز جي ناهي درڪار

١- ڪُپيري جو پير ڪنيو سين، صورت جو ديدار ڪيو سين،

ڪين مڙون تورڙي چاڙهن دار

٢- ڇاتي اندر ٻر پاتي سين جهاتي، ذات ڏٺي سين گم تي صفاتي،

باقي اسان کي ڪهڙو لاچار!

٣- ڪاءِ حرام ڪر تون چوري، برهه جي رک تون بدمعاشي پوري،

"ساڌ" نه ٻڌج تي نه خوار!

٤- دين ڌرم ۽ ڪرم ڪنهون نڪري، "جاڻڻ چن" تيو نانگو نسري،

عام چون "ڪافر ڪار"!

وجي عشق وارن سان اوريو اوريان، جند جان تنين تئون گهوريو گهوريان

١- عشق وارا آباد هُجن شال سونکي هميشہ ياد هُجن شال،

پيو ـ جي مون جوريان جوريان

٢- عشق وارن جي جهليان مهاڻي، ڏڙ، سر، دلڙي رکان نذراني،

لحم لگي تئون گوريو گوريان

٣- عشق وارن جون ڳجهڙيون ڳالهيون، راز "لُدني" چاليون نراليون،

تر تر کيو ويني توريان توريان

٤- عشق سوا آهي عمر اجاني، شيعن سُنين مُفت وڃاني،

"جانن جن" جوي جي، کي جهوريو جهوريان

Mohabat Ali Faqir, 2012

عُمر! اَڄ نہ مونکي، اَدا! ويس وڳا

مهڻا مارُن جا مونکي تکا تير لڳا

سارُن مونکي، سومرا! سانگي مٺ سڳا

جانٺ جن چري قيدي ڪوٽ پيڳا، مٿين مِلي مارُئي

راڳ ڳولين تہ رب لڀين، ڳُجھا راز ھي راڳ خدا دا
اُلٽي عاشق ڏس ڳڻي ني ھي الٽا پنڌ خدا دا
عامَ آرڻ دي اٿ جاءِ نہيں ڪر آسي رِند خدا دا
ڪفُر ڪماوين مطلب پاوين منگ نہ بهشت خدا دا
بهشت منگڻ والي زالين جاڻي مردان منگيا عشق خدا دا
عشقون مُول نہ مڙسان جاڻن جن جنهن ڏسيا راھ خدا دا

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2010

عشق اسان ڏا دين ايمان اي، برهه ڏا عاليشان، ميان
عشق انجيل، توريت، زبُور اي، عشق آندا فرقان، ميان

١- ملائڪان ڪيتا معبود جنهين ڪُون، ميڏا بہ هي سجود اُهين ڪُون،
عشق وڪايا ڪعبا اسان ڪُون، صورت سر و سلام، ميان

٢- لوڪ ويندي هن ڪعبي خليلي، ماڳ اسان ڏا ڪعبا جليلي،
سٹ پيان ڳالهيان چوڙ دليلي، عرش مٿي آستان، ميان

٣- جانڻ جن هي ڪعبا مڪا، يار لڌو سين پڪا پڪا،
"نحن اقرب" واهه جو چڪا، مرد ڪتن ميدان، ميان

Gul Hayat Institute

اہو دین اساں کوں درکار نہیں جیکر دین پیا دین نال لڑیندا

اہیں دین کنوں اساں کوں اہو کفر بھلا، جیکر سب صورت کوں پیا توڑندا

اہیں دین کنہاں کوں رول چھوڑیا، جیہنں جھنگل دور پیا وڑدا

اہیں دین والا آکھی جانڑ جس، عشق دی چاڑھی مول نہ چڑھدا

Gul Hayat Institute

# ڏهاڪا، ٽيها، چاليها

ڏهاڪائي ڏُور ٿيا ٽيها چاليها ٿي چِٽ
لکن هزارن مؤن نه لڌئون ناحق ٿيا نِپٽ
جانَ چِن هئي جهٽ، هڪڙي مؤن حاصل ڪيو

Gul Hayat Institute

منهنجون اکيون سهڻل جي اکڙين سان لڳيون، دل ۾ ترڙتي ويئي

فوج جنگي ٿي تفنگي، جُپ ۾ چڙهه چڙهه ٿي وئي

تيراندازي تاب مٿون ٿي، گهاءُ گڙ گڙ ٿي وئي

پوءِ عاشقن جي وات مٿون هي ربه رڙ رڙ ٿي وئي

"سوز ٿو سيني کي سازي، برهه پڙ پڙ ٿي وئي!"

نين نازڪ جا چُتا بني کرهه کڙ کڙ ٿي وئي

پوءِ "چن جاني" دل منهنجي اينئن هٿيڪي هڙ هڙ ٿي وئي

Gul Hayat Institute

دين ڪفر درڪار ناهي مذهبن سان منهنجو ڇا؟
عشق نعمت آ نهايت ٻي نہ آهي طلب ڪا
هاتڪ حقيقت ۾ هلن سي معرفت مائن مزا
طالب طريقت جا تمام شامل شريعت سان ٿيا
پاڻ ڳولي پاڻ ۾ سي پاڻ ٿيا قاضي قضا
حرام ڪاني حق سان مليا ڏني سالڪن سڳ ڪي سزا
"هُو" ۾ هڪ ٿيا "هي" وڃي رهيا راض ۾ راضي رضا
چن جاڻ چوي جن گام انهي ۾! آهي غزا!

Gul Hayat Institute

اَنڌا عربستان ويا، سَڄَڻ ڏٺو هت

اَنڌن پنڌ اَجايا نہ ڏٺائون هت نہ هُت

جانڻ چن چَوَي مَت، موگَن کان مُنجهي وٺي

Gul Hayat Institute

# پَرَي

پَرَي ڄاڻن پاڻَ ڪؤن ڪن وات پٽي واڪا
پَرَي سڏ سيڪا ڪري، ڏي ويجهو ڪن ڪا ڪا
گهر ۾ وينو گهوٽ آ، ٻاهر ڪن ٻانڪا
وٽي ناهي وار جي، سمجهي تي سا ڪا
ڄاڻن چڻ چڻي جهاڪا، اسان لنگهي وياسين لڪيرن

Gul Hayat Institute

Verses of Sufi Faqir Janan Chan

اڏيون عربي ٻول جي جڏهن آيس عشق اَري
"احد" "احمد" هڪڙو ڏٺم گام ٻيري
هي مُلان مذهب وارا ٿا چون "تون ڪافر آن ويندي دوزخ جي تري"
الله ڪري نہ عشق جي پڇي مون وٽ ٻاهہ ٻري
اهو ڪُورو ڪامي ڪينڪي ٿل قيامت تائين نہ ٺري
ٻره دوزخ ويهي درد مان ڪندس آهہ پري
ٻاهہ منجهان بهشت ٿئي وري دوزخ ڪين ٻري
جانن چن تنهن ڪري دوزخ ٻيڻاني ڪينڪي

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

عشق محبين آباد ڪري مون ڏي آئين وَر
ڦُربدار ڦُرب ڪيئي ساڳُو سڃاتئي گهرِ
اڳي ٻ اڳڻ اسان جي آئين هُنين بابا سائين جي سِرِ
هائي ٻ پارت اٿئي پوين تائين پڙ
رهه اسان وٽ راتيون هي پاڻ نه خالي ڪر
جاڻڻ چن تو در، ٿو گهربون غلاميون ڏي

Gul Hayat Institute

خبر تن کي جيڪي ڪاڏيون، عشق نسورو آ نانگ!

١- راز اهو ڇا ڄاڻن ڇٽيون، قلب جن جو ڪارهنون ڪٽيون،
ڪين ولوڙن من جون مٽيون، طلب نہ جن کي نانگھہ

٢- تينهن نهوڙي عشق اوجاريون ڳجهيون ڪن پيون پر جون پچارون،
منهن مونن ۾ وجهن ويچاريون، برهہ ڏني تن بانگ

٣- اُتندي ويهندي ڪن پيون آهُون، دم دم سان ڪن دل ۾ داهون،
برهہ تن کي ٻاريون باهيون، سر جو لاٿئون سانگ

٤- جُٽ ڦِٽ ڦٽڪڙي لوڪ ملامت، ثابت تن جو صدق سلامت،
"جاڻن ڇڻ" ماريو نفس آ آفت! وراڻي ويٺس لانگ

Muhammad Ali Faqir - Yasser Ali Kazmi 2012

چو ڪرين چا ڪئون ميان! تڪبر جيڏي تڏ؟
هَنئون نٿو هيٺ ٿيئين هوڏ گهڻي اٿئي هَڏ
ڏيهاڙي ڏينهن ۾ تڪبر ڪريئي ٿي سَڏ
خبردار خيال ڪر هڪ واحد ڪي اَٿئي وڏ
جاڻ چن چوي لڏ، چاڻ لڏين تو لوڪ مٿون

Gul Hayat Institute

ڪھڙي ڪيان تنهنجي مرشد مهماني
سؤ سريون صدقي ڪيان تو تان قرباني
اچي ويهه اکين ۾ منهنجي ڳچيءَ جي ڳاني
جانڻ چن جا جاني، شل هوندين ساڻ هميشه

Gul Hayat Institute

رڳو "مُلان" مُلو ناهي پر "ذاڪر" بہ آ مُلو
هوڏ پنهي کي هٿ. جيئن ڪُڪڙ سنهو ٿُلهو
ملان جائو ورتي تي، ذاڪر فيءِ تي ٿُليو
دين ڇڏيائون دنيا لاءِ وڪڙ ڏيئي وَلو
آهن ٻئي ڀُليل راهہ کان، رڳو مڪڙو ناهي ڀُلو
ملان عاري "موليٰ علي" کان، ذاڪر ٽن اصحابن کان ڇُلهو
"جاڻن چن" چوي سو رُليو دوئي جنهن جي دل ۾

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

امو داغ تے دل گھون دردان دا
صدقا کرن مین اِمامان دا
جانڑ چن ماتم کر معصومان دا
اکیان روز روئن یلی نیر گونھین

Gul Hayat Institute


ڪِريل ڏَتل ڪو ڪين هُجي سيڪو هُجي شال وائيو
United
We
Stand
Divided
We
Bleed
ٻانهيون جُدا سيرون جُدا پاوو پاوي ڪان آهي جُدا ٻيڪار آهي اَٽ وائيو
Gul Hayat Institute
May No One Be Fallen Apart - May Everyone Be Knitted (United with the One)
- Sufi Faqir Janan Chan
Yawar Ali Kazmi 'Mohabat' RV - July 2016

ال م آهي صــــوفين ســـچاتو
مذهب انهيءَ معني ڪٿون گونگو ۽ ٻاتو
صُمٌ بُڪمٌ عُميٌ سي ٿيا ، جن ... ڪين ڄاتو
پيوند نه انَ پرين ... انَ نفس ... نَ ناتو
جانَ چڻ چني تن پاتو ، جن ... ذڪر پنهنجي نفس ڪي

Gul Hayat Institute


تون پاڻ پرايو آهين
پراين کي ڇو پنهنجو ڪرين ٿو ؟
'you are yourself owned,
why you are owning others ? '
- Sufi Faqir Janan Chan

نَفس ماريئي ڪينَڪي،
الله ڪيئن ڏسين ؟
ڏَرُ نه ڀَڳئي دُوئيءَ جو،
پِرين ڪيئن پَسين ؟

Gul Hayat Institute

جانان چن

How you can see God without removing the evil-self?
- Without removing the mound of duality, how you can see the Beloved?
-Janan Chan


The mourning of Love is that in my chest are always the cries of the Mohram;
within are the beating drums of the pain;
the masjid and the temples are forgotten !

هڪڙا سچا صُوفي ٻيا ڦُوسي ٽيئان آهن ٺُوٺي
آئون انهن منجهه آهيان ڀنگيائي ٻُونسي
جاڻ چڻ پنهنجي جيءَ ۾ وڃي ٽيو آ جاسُوسي
ڪُوءِ جيڪا خاصي، سا مونکي منجهان معلوم ٿي

There are; the true Sufis, the fake-sufis, and the amateur-sufis;
Amongst them, I am a janitor, considered worthless!
I have gone to my depths & spied within myself!
from my core I have learnt about the special treasure within!
-Sufi Faqir Janan Chan



اُضحيٰ
ڏڳا، ڍور، ٻڪرا ٿا عالم اُضحيٰ ڪن
عاشقن اُضحيٰ پنهنجو نفس ڪيو، دم دم سان ڪُهن
اٺئي پهر الله سان، ونڌن ۽ ورچن
وحدتي وصال تي ڪيو ڪاهه اَچن
"رَضِيَ اللهُ عَنهُم وَرَاضُوا عَنهُ" پيا ٿا راضِ رَچن
جانڻ چڻ چڻي سڄڻ، برهه بادل برسيو
Gul Hayat Institute
The world sacrifice; the cows, the bulls, the goats,
The Lovers sacrifice their own ego - slaughtering it with every breath.
- Sufi Faqir Janan Chan




Love arrived, bringing the entire awareness ,
Knowledge suggested to Wisdom 'let us escape!'
- Sufi Faqir Janan Chan

دنيا ساري ڏرم هجي، تنهنجو سڀ سان ڪرم هجي، بخشي ڏي تون پرم هجي

صوفي وحدت ورڙ

**MAY THE ENTIRE WORLD BE IN PEACE!**
**MAY YOU BLESS ALL!**
**MAY YOU FORGIVE AND RESTORE HONOUR!**
**OH SUFI ! YIELD ONENESS!**

**- Sufi Faqir Janan Chan**

Gul Hayat Institute

ڀيري ٻُزرگي ڀونئي رهجي رڻ ويا
غوثي، قُطبي اورتي، عاشق اڳتي ويا
لکن کوهن پنڌ کي، تن هڪڙو قدم کيا
سڃاتائون صورت کي لهي لِک پيا
لَت ڏيئي نفس جي نِڙيءِ تي لاحد کنّون لنگهيا
جانڻ چڻ چَوِيِ کيا، تن منڊل نيئي محبوبن سان

Gul Hayat Institute
Sufi Faqir Imran Chan

شال ڪين قضا ٿين دم جون گهڙيون، جيڪي دم ڪان غافل سي ڪرمن سڙيون
١- آهي دم جي حڪومت دم ٿو هلي، آهي ڏک سک ٻه دم ٿو جهلي،
انهي ساڳي سمنڊ سان دم ٿو رلي، جيڪي دم ڪان گسيون سي توڙئون ترڙيون
٢- دم دم سان دلبر آ، اهو دم "الله هو اڪبر" آ
اهو دم آهي هادي دم رهبر آ، انهي دم دم سان آهن ديدار جهڙيون
٣- دم دم سان نظارو آ، اهو دم دنيا جو سهارو آ،
انهي دم تي دنيا جو ڪاروبارو آ، اهو دم نه هُجي هُجن ڪين گهڙيون
٤- جيڪي ڄاڻن ڇن اهو آهي دم، هاٿي ڊوجگ ٻه مونکي ڪونهي غم،
انهي دم ڪان سواءِ ٻيو ڪونهي ڪم، اچي دره سڪاريم دم جون ڏڙيون

Gul Hayat Institute

Sufi Faqir Ismail Chijani

وڪامي وياسين دلبر جي درتي، ڪڏهن قرب پنهنجو ٻانهي جي گهر تي

١- منهنجي يار جو آهي ملڻ مهانگو، مشڪل ملي ٿو سستو نہ سهانگو،
گهڙي سر ڏني سر، سودو آهي سر تي

٢- منصور "قبل" جو ڏنائين هوڪو، انهي پڙي، تي آيو آ ڪو ڪو،
اندر آبادي، ظاهر آبر تي

٣- منهنجو يار آهي سهڻو واپاري، لڪي نہ لڪا، آهي پيڻ ٻاري،
سودو سڄڻ جو ناهي ڪراڙ تي

٤- جن جاڻ گهوري، ڏنو سر آ سوري، اڄلباني الڏي، تي تڪي تڪي توري،
اٿم اميدون هر دم قبر تي.

Sufi Faqir Janan Chan

"أنا أحمدَ بِلا ميم" ، جاڻن چَئن چَوَي آيو جڳ ۾. جاني،
"عربي" تي اِظهار

مون أمر ڪيو وڃي يار، جيڪو مذهب کي انڪار

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute


بدلي بدلي جي مٿان
وڃن اچن هن جو
قلندر نوان نوان
محبوب منهنجي جا آهن
مظهر نوان نوان
صوفي فقير جاڻ چڙ

پڙهي جن پروڙيو پوءِ وري نه پڙهيائون

"مُوتُو قبل اَنتَ مُوتُو" اَمر مڃيائون

"فَاذكُرُونِي اَذكُرڪُم" وٽ نه وڌائون

"وَنَحنُ اَقرَب اِلَيه مِن حَبلِ الوَرِيد" لوچي لَڌائون

"وَفِي اَنفُسڪُم اَفَلا تُبصِرُون" چِتُو ڏِٺائون

"وَاللهُ بِڪُلِ شَيءٍ مُحِيط" ڪُل ۾ ويساه ڪيائون

جن پڙهي پُرجهيو ڪينڪي تہ ڪفر ڪيائون

پڙهيائون زبان سان پر دل نه لاتائون

هِن ڪَن جو هُن مان ڪڏي ڇڏيائون

"جانن چن"چوي قرآن پڙهيو انہ پڙهيائون،

باقي اُٿلائي اُٿلائي انهن ناحق پنا پُرزا ڪيا

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz, Haiderabad, 2012

## حق موجود

جهانيان مالڪ جهان جو ٻيا سڀ نوڪر

"مهدي" "محمد" هڪڙو عالَم جي آدر

لَحمَڪ لَحمي جسمَڪ جسمي دمَڪ دمي رُوحَڪ رُوحي،

هڪڙو مولي عليءَ جو آهه سر

حَسن حُسين هڪڙو وائي جو آهه وَر

جاڻ چن اِن پَرِ آسري اُنهيءَ جي

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2012

# صلواة ۽ زڪوات

"وَاَقِيمو الصَلواةُ وَآتُوا الزَاڪَواۃ" آهن نمازي نانگا
سجدو صورت ڪي ڪيائون نفي ٿيا نانگا
سامين زڪوات سر جي، لاٿا سڀ سانگا
جن مال ڏنو تن ڪي موٽي مال مليو، اهي لنگهيا نہ لانگها
جن سر ڏنو تن سر ورتو اُهي چڙهي ويا چانگا
مليا وٽ محبوب سان، اُهي برهہ جا بانگا
سامين اُتي سڏ ڪيا پر ڪين آيا ڪانگا
جاني چون وانگا، ڪي ڪي آيا ڪاپڙي

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Toqn, 2012

# خلق ۽ خلقڻهار

مون نہ هجان خلق تہ تون نہ خلقڻهار
مون نہ هجان پينو تہ تون نہ سخادار
مون نہ هجان بُکيو تہ تون نہ پالڻهار
مون نہ هجان اگھاڙو تہ تون نہ ڍکڻهار
مون نہ هجان بيمار تہ تون نہ شفادار
مون نہ هجان گناهگار تہ تون نہ بخشڻهار
مون نہ هجان عاشق تہ تون نہ ماڻيدار!
اهي ڏنم پاور توکي تہ تڏهن ٿيس اظهار
هاڻي تنهنجي عشق جو گھرجي ٿو آزار
درڪار آ ديدار جي ڏاتر تون ڏيکار
بهشت ۾ جي تون نہ هجين اهو جنت نہ درڪار
ڀلو بهشتون پانڻيان جي دوزخ ملين يار
جاني چن کي تنهنجي رڳي آ درڪار
جي تون ملين يار، مونکي سڀ ڪجهه ني مليو

Gul Hayat Institute

خط اَچي ٿو دوست دلبر درد جو دفتر پريو
پڙهي پَنو تون پاس ڪر مون وري وري آهيان وريو
١- اوُل زليخان ٿي چري پوءِ يوسف ٿيو چريو،
تڏهن ملي همدم ٿيا جڏهن ڏيل پنهي جو ڏريو
٢-"سسئي"، "مُومل"، "هير"، "سهڻي" ڪيئن نيايو نينهن کي
"مارئي" وئي "ڪيت" ڏي جنهن پير نہ پوئتي ڏريو
٣- "قيس" قابل هو مگر عشق آ"مجنون" ڪيو
لاڏ سڀ ليلا ڇڏيا سر تي آهي سر ڏريو،
٤- مونکي عام ٿا ماٺهو چون "تون موگو مستان آن"
تنهنجي منهنجي توکي خبر، عشق جو آڙاھ بريو
٥- اڳي هڪڙي حال محرم ڏس ڏنو دل سان لڳو،
"هِي اَٿني رود هُو اَٿني "گدُو" جيِ ٿيو آهين چريو!"
٦- ناتو نيائڻ فرض آ مون پنهنجو پورو ڪيان،
تون رضا جو آهين راٺو، تون اُن سريو مون اُنَ سريو
٧- پهريائون پهريائون پيار ۾ تو دادلو مونکي چيو،
ساڳيو "جاڻ چن" آهيان، دل جو مونتي هٿ ڏريو

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir , 2012

# "لا"

"لا" دي ڪاتي نال ڪنڌ ڪپايم!

جوڳي تي مين منايم، سامي تي مين منايم!

١- ڏوتي ٻڌڪي جنيا پايم، تازا تازا تلڪ لڳايم

ڪافر تي محبوب ريجهايم، "لا" دي بين بجايم

٢- ساڌو ڪون مين سجدا ڪيتا، پُر ڪر پيالا پريم ڪا پيتا،

"الله" جيڪو سُنڌي هاسي، "مهدي" نظر آيم

٣- عشق گرو دي ڏنا جهوٽا، دست ميڏي وچ ڳڏون موٽا،

سر دي اوپر ٻڌم چوٽا، سيني هاتي چپايم!

٤- چير پيران وچ يڪتي بنيم، گهند دا ملڪ وچ هُل هُلايم،

"تون هي تون" دي تار بجايم، لوڪنون آپ لڪايم

٥- من منرتي نا ميڪون مانو، جان پچان تيڏس "جانو"،

شاهه نه پير نا مين خانو، فيض فنا وچون پايم

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir

خود خُدا پاڻ ۾ عشق جي آيو اري
عشق آفت آ اهڙي جو قياس نہ ڪنهنجو ڪري

١- ذوق موليٰ جو ڏسي ملائڪ سڀ ماندا ٿيا،
پهہ پڇاڻون پاڻ ۾ "آدم" خدا ٿو پيدا ڪري!"

٢- ملائڪ سڀ موجود ٿي هيئن خداوند کي چيو،
"آهيون عبادت لاءِ اسان توکي مڃون ٿا خدا ڪري"

٣- گويا خداوند جو ٻُڌي ٻين سڀني "آمين" ڪيو،
ويا بچاڻي پاڻ کي، "عزازيل" پيو دوزخ تري

٤- عشق بخشي ڏي خدايا هي عرض "ڄاڻ چن" جو،
ويجهو "وريد" کئون تون آن ناهين جُدا ناهين پري

Gul Hayat Institute
Mohabat Ali Faqir

# "ڪين"

"مُوتُو قَبل اَنتَ مُوتُو" ڪيو عاشقن آمين
"ڪين" ڪمايائون "ڪين" ٿيا "ڪين" ۾ ٿي ويا "ڪين"
نانگن کي نفي جي برھ سيڪاري بين
چڙهي وينا چيني تي زوري رکي زين
سوري مڃائين سڏ ۾ ٿيو ڪُڏائي پيو "ڪين
"فَاذڪُروني اذڪُرڪُم" دل سان مڃائين دين
هليو پاس حَبيب جي ڪُٺائي پيو ڪين
نفي، خفي، روحي، قلبي، سري رنگ رنگين
اخفا اخفي اسيرا ۾ ويا، ڏس ٻين کي ڏين
لاهوتي لامڪان ۾ وينا وند وندين
جوڳينڙا جبرُوت ۾ ملڪُوتي ماٺين
ناسُوت ۽ هاهوت ۾ ڄاڻن ڇن ڇوي آمين
چوڏانهن طبق چڪر ۾ ڪيائون تڪمين
ارض ۽ اقليم، هڪ قدم انهن جو ڪين ٿيو!

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir

# "مان"

(٤٦٦)

كافي:

"ڪافر" ٻي ڪنهن کي نہ چوان، "شداد" بہ "مان" "فرعون" بہ "مان"
عمر گذاريم غفلت ۾ سائين! آهيان ٻي فرمان بہ "مان"
١- عزازيل آدم ڪنون منهن هو موڙيو، قدرت تنهنجو عهدو توڙيو،
سَوَن آدم کي "مان" آ ايذايو، آهيان وڏو شيطان بہ "مان"
٢- جنهن نقل ڪعبي ۾ ڪَني هني چڙهاني، تنهن تي هُلي آ ڪفر جي واني،
اصل ڪعبا "مان" ڪيني ڍاٺا، "ابرا" ۽ "هامان" بہ "مان"
٣- ظاهر "مومن" باطن "ڪافر"، دل ۾ دغائي ظالم زابر،
ماڻهن جي منهن تي صابر، شاڪر، آهيان وڏو مروان بہ "مان"
٤- "جانڻ چين" ! فقير سڏايم، ڏيک ڏيکن ۾ ڀُڏن نہ آيم،
عمر سڄي "مان" ڪُوڙ ڪمايم گند وڏو گهمسان بہ "مان"

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

# ”هت سُجائَڻ ۽ پسَڻ“

جيڪو ڏسي ٿو توکي تون بہ تنهنکي ڏِس
سُجاڻي هت سڄڻ کي پوءِ اتي پرين نيڻين پس

۱- ويٺو اٿئي ويجهو تو ناهي سوجهيو،
ڪم نہ ڪر ڪوجهيو، اهو ڏاتر ڏس

۲- قيمتي هي جهان، اتي ڪا شي ڪان،
سمجهي ٿي سُڄاڻ، غافل ٿي نہ ڳس

۳- جيڪو آ اوّل آخر سوني باطن ظاهر،
تنهن سان ٿي ماهر، سڌو صورت ڳس

۴- الله ڏسي توڏي تون نہ ڏسين تنهن ڏي،
ويندين پلا ڪنهن ڏي؟ ڪهڙي آ هُن ڪي ڪس!

۵- اڳ جو ڏٺل سولو، اُتي ناهي اولو
جيڪو پچيو ويا آهن پولو، چن جاڻ! تن کي جس!

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir [Yawar Ali Kazmi ,2012]

# "لعل"

(۴۵۱)

كافي:

تو منجهه آهي لعل، ڇو تو پنهنجو وقت وڃائين

۱- پُر خزانو تو منجهه آهي، جا انهي جو نتو تالو لاهين،
پاڻ ۾ جهاتي ڪين تو پائين، هوندي سوندي ٿي ڪال!

۲- موتي انهي جو مُلهه نه ڪر پاڻي، ٻني جهان توڙي رلاني،
اهڙو قيمتي گوهر آهي، تون ڪڏهن ناهين ڪُلال

۳- غازين ڪي وري ڪهڙو غم آ، گذر جن جو دلبر دم آ،
اونڌي ڪنڌ اور اسم آ، نفي مثون ٿيا نهال

۴- "جاڻ چڻ" چوي تون آن سمندر، تو منجهه مسجد تو منجهه مندر،
تو ۾ مستي تون آن قلندر، تو منجهه جل جلال!

Gul Hayat Institute

Mohabat Ali Faqir, 2012

نظم: (٤)

آهي فقير مالڪ مُلڪ جو، جي فقير نہ هُجي
مونکي تسر انهي فقير جو، نہ دنيا هُجي

١- فقير سڀ ڪجهہ ڏيني ڇڏيو، ڏيني پوءِ تو گهُري،
جي نہ گهري هان اگر "آهي الله" نہ هجي

٢- وني هڪ ڏي آسي، اهڙو پيو ڪونهيو سخي!
اهو جي سودو نہ هجي، واپار نہ هجي

٣- جيڪو ڏٺئي هٿ سان هتي، سوني ملندي اُتي،
اگهہ ڪاڏي، ڪالڻون پري جي بچت نہ هجي

٤- "الفقر فخري" چيو مالڪ مُلڪ جي،
جوني آ مالڪ سوني، آ "فقير" تنهن ۾ شڪ نہ هجي

٥- فقير ني آهي "اولين"، فقير ني آهي "مُرسلين"،
جوني "اولين" سوني "مُرسلين"، چئن جانڻ! يڪ هُجي

Mohabat Ali Faqir

مٺا سائين تنهنجن مائٽن مونکي ماري مڃايو آ
ڏکي تون منهن مونکي نہ ڪُهہ، ڇا ڪاڻ رُخ تو لڪايو آ
١- آئين جڏهن خلق ۾ ڪاهي، دنيا ۾ هُل هي آهي،
چون گهل گهل ”قمر ڇاهي! شمس تابان آيو آ“
٢- حُسن جي تاب جون لاٽون، عشاقن جون سريون ڪاٽيون،
قتل جي خون جون ڇاٽون، تبر آبرن وهايو آ
٣-ڪوليو بجلي تہ تني تجلي، ڪُهي مر خلق اڪ ڪجلي،
وجي دنيا ۾ مَر هُلي، ”قتل اکڙين ڪمايو آ!“
٤ -اصل ايڏو ڪرين ماڻو تہ بہ ڏيدي اڪ ساڻ ڏس مون ڏي.
سرور گهند نہ هڻ گرهر، ”جاني چن“ تو سکايو آ

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

مرتو آهين تہ جيئري مر، پويون مرڻ بيڪار آ
"مُوتُو" واري مار تي ڪيو آڏوتن اقرار آ
١- مَلهہ کي هڻ "ملهہ" تي، مرد هي مهل اٿئي،
اوڪو پوندئي ڳل تي، هو ڏاڍو هُنردار آ
٢- ڊِر نہ ڏيس ڊاري ويندئي، موتڙيون ڏيئي ماري ويندئي
ڪلر منجهہ ڪيري ويندئي، خام خبردار آ.
٣- خيال کي هوشيار ڪر، پاڻ تنهن تي سوار ڪر،
ويري اُتي وار ڪر، نفي جي تلوار آ
٤- جانڻ چڻ چئني جوان تي، "مُوتُو قبل" مري جي،
آب حيات جو پيالو پي، جو فنا سو بقادار آ.

Gul Hayat Institute

جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي
الله كري نند نہ كانہ بچي كا كُند
۱- اها كل انهيءَ كي برهه جنهن جي ياڳين
جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي
۲- "فاذكروني اذكركم" واڳي م واڳي
جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي
۳- همذات هك تيو سُرت ڏني آ ساڳي
جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي
۴-سولي سيج اُنهيءَ جي درد جنهن كي داڳي
جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي
۵- جاڻ چن كي "مهدي امام" پهچايو ماڳين
جاڳي تو الله جاڳي تو جاڳي

# پانڌ

آئون تہ ڪچي آھيان ڪميڻي، لڳو آٿم پانڌ پکن

١- مون منجهہ لک مدايون، ڀلا ڀلايون ٿا ڪن

٢- هٿ "مهدي" جي هٿ ۾، تنگ نباهيو ٿا نين

٣- "فاذڪروني" مون ڪيو، "اذڪُر ڪُم" ڪيو انهن

٤- ڳُونگو ٻوڙو نہ ڪپي، تنهن ڪي ڏيان مون ٻَن

٥- سارو ساٿ جاڻن چڻ جو پرين پار ٿا ڪن

Gul Hayat Institute

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ظاهر عُمر زبان، اَندر ۾ عيدُون
سدائين سڄڻ سامهون، ديدَن ۾ ديدُون
ڏاڍي کيف ککوريُون، رَمزَن ساڻ ريَڏيُون
جاڻ چن چنئي بَڏيُون، آهن ”قالوُ ابَليٰ“ جي قولَ سان

ظاهر عُمر زبان، اندر آنيئُو
”فَاذكُرُوني اَذكُركُم“ صفا کياٿون سينُو
پنهنجو لڏائون پاڻ ۾ راول رنگينُو
جاڻ چن چنئي کِينُو، کڍي ڇڏياٿون کوٽ مان

ظاهر عُمر زبان، اَندر ۾ سيئيا
کيميا کن قلوب ۾ ويراڳي ويٺا
سيوا کن سمنڊ جي چِت اَندر چيٺا
جاڻ چن چنئي کنا، لال کَيا اٿن لِڪ ۾

Gul Hayat Institute

الف پاتو ميم جو برقعو، منهنجي ڀيو آن ملان قاضي،
انهيءَ ڇو ٿيو؟ تنهن جائي ٻتائي عشق آ بازي
١- "انا احمد بلاميم" حديث ۾ ڏنو هوندئي،
ٿيو اعتبار آ جن کي، ڪتي وڃا گهو، سي غازي
٢- حجابن جا ڪتي پردا، لنگهي وڃ حد، لاحد ٿيءُ،
انهي خود ذات آ حق جي، ڪرائي عشق تنهن آزي
٣- محبت مام آ اوکي، سوا صوفي ڀيو ڇا سمجهي؟
هر مظهر ۾ آهي ماهر، سڀ ڪنهن سان آهي سازي
٤- ملير "مهدي" مرو ڏاڍو ڏنو سين پان ۾ پاتهين،
مليا سين دوست سان دم ۾ جانب چن روح ٿيو راضي


هيس بحر عميق ۾ قطرو ٿيس ڌار
جان جان گذريم ڏينهنڙا
تان تان ٿيڙم سار
سا ڳا هيم سي پرين پنڌ ڪيم تنهن پار
جڏهن مهدي مرشد مليو تڏهن پڪو ٿيم اعتبار
جانڻ چن کي جار سمنڊ ساڳي سان ڳڏيو
Gul Hayat Institute


اَبابيل
پکيئڙا پرينءَ جا، عاشق اَبابيل
هٿن جي هاٿين کي ته فنا ٿين فيل
ڄاڻ چن چني اَصيل، آيا مرد ميدان ۾
Gul Hayat Institute

# موليٰ

ٻين سان منهنجو چاهي، وو موليٰ! تو سان ڇو نہ ڳالهايان

جو سڀ کان ويجهو مون پائيان!

١- ويهڻ بہ توسان هلڻ بہ تو سان، کلڻ بہ توسان ملڻ بہ توسان،

خوشيون ڇو نہ ملهائيان!

٢- پاڙو بہ تنهنجو ويڙهو بہ تنهنجو، ميڙو بہ تنهنجو پيڙو بہ تنهنجو،

"ونحن اقرب" ڳائيان

٣- ذڪر بہ تنهنجو فڪر بہ تنهنجو ورد وجود ۾ وڪر بہ تنهنجو،

قلبي ڪاج هلائيان

٤- اول بہ تون آن آخر بہ تون باطن بہ تون آن، ظاهر بہ تون آن،

هر هنڌ توکي ٿو پائيان

